خاڪي جويو

# آسَ جن اريج

[٣٥٠ بندن تي مشتمل ڊگهو نظم]

خاڪي جويو

سرس سنگت لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڇاپو، پهريو
تعداد: هڪ هزار
ڇپيندڙ: پرنٽنگ پريس
ڇپائيندڙ: حميد رجويو
قيمت: ١٥ رپيا
سال: مارچ ١٩٨٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توڙي ڦاٽڪ وٽ ڪتل

# ڪوندرن جي نالي

آسڙ جن اريج، تن جي وهجورن ٻيو.

(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ ۵

باب پهريون ۳۱ - ۵۶

۱.

۲.

۳.

۴.

باب ٻيو ۵۷ - ۸۵

۱.

۲.

۳.

باب ٽيون ۸۶ - ۱۲۲

۱.

۲.

۳.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

اسان جي ء سنڌ جي هڪ ڏاهي اديب رسول بخش پليجي، شيخ اياز جي تعارف ۾ لکندي هڪ ڪم جي ڳالهه لکي آهي:

"اسان جو قومي ادب اسان جي قومي جدوجهد جو هڪ اهم مورچو آهي. ڏگهي نظر ڌاري ڏسبو ته اسان جي قومي جدوجهد وانگر اسان جي قومي ادب به پنهنجو شاندار سفر جڻ هاڻ مس شروع ڪيو آهي. ان کي اڃا ڪئين بنيادي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين تي غالب پوڻو آهي. ان کي اڃا صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ۽ عوامي ٿيڻو آهي. ان کي اڃا وڏيون منزلون لتاڙڻيون آهن.

پر اڄ هن حالت ۾ به، اسان جو قومي ادب پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ اڳتي وڌيل ۽ سڀ کان وڌيڪ حق جو حامي ادب آهي."

ان عوامي ۽ انقلابي ادب واري ڏس جو سونهون ٿيڻ لاءِ گهربل حالتون هوريان هوريان ئي پڌريون ٿينديون رهيون. ذهن پچرندا پچرندا آخران ڏس تائين اچي پهتا جنهن کي "جونڪاري جو ڏس" چيو وڃي ٿو. "آسڻ جڻ آريچ" ، ذهن حالتن جي چٽي تصوير آهي. قومي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاڱي کانپوءِ مذهب ۽ هٿ ٺوڪيءَ نظريي جي
آڙ ۾ هتان جي عوام جا حق غصب ڪرڻ جي ستيهن سالن
کان جيڪا ڪوشش ٿيندي رهي آهي سا فقط ڪن شخصن يا
ادارن جي ذاتي سوچ نه پر ان مشروط آزاديءَ جي بدلي
۾ ڏيارڻ خاطريءَ جو نتيجو آهي جنهن جو مقصد 'قومي
عوامي راڄ' بدران آپيشاهيءَ واريءَ سگهه کي برقرار
رکڻو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسين اڄ به انهيءَ سگهه
۽ ضرورت جي مٿي سبب (Law of nesseitas) جي
غيراصولي ۽ غيرفطري ڇانو هيٺ اجتماعي مفتوح واري
زندگي گذاري رهيا آهيون؛ اهڙين حالتن ۾ جنهن
شيءِ کي 'آزادي' چيو وڃي ٿو، سا فقط هڪ ڏند ڪٿا
(Myth) آهي، نه آزادي.

- قومي حقن جو انڪار.
- راءِ جي آزاديءَ تي پهرا.
- اڳواڻيءَ جي سموري بنيت جو قاصيءَ چڙهڻ.
- ڏيهه نيڪاليون - گهرو نظربنديون - نااهليءَ جا فرمان.
- شرپسنديءَ ۽ ملڪ دشمنيءَ جون تهمتون.
- تنظيم ۽ سماجي صفبنديءَ تي بندشون.
- قومي ٻولين، ادب ثقافت جي جاءِ غيرمادري سامراجي ٻوليءَ جي هڪ هٽي ۽ غيرفطري گهڙيل ثقافت کي فوقيت ڏيڻ.
- تعليمي ۽ تعميري عمل بدران بجاءِ ۽ مرڪز جي مضبوطيءَ جي نالي ۾ غيرتعميري مدن تي اربين رپين جو خرچ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- لاشن کي اجتماعي قبرن ۾ دفنايو ويو.
- پُرامن آبادين ۾ ساهه گهٽيندڙ شيل (Tear gas) جي فقط دشمن ۽ باهرين حملن کان ڇڏائڻ خلاف ڪتب ايندا آهن، استعمال ڪيا ويا.
- معصوم ٻارن تي تشدد ڪرڻ کانپوءِ انهن کي خطرناڪ هٿيارن ۽ سنگينن جي ڇُرين ميٽ گهرن کان ڌڪي، ويهي ويهن ڪوهن تائين پريءَ قتل ڪيو ويندو هنن تي روئندو ڇڏيو ويو.
- اسپتالن، ڪورٽن، تعليمي ادارن کي سي-آءِ-اي ۽ حفاظتي چانوڻين ۾ تبديل ڪري خوف ۽ هراس جو وايو منڊل پيدا ڪيو ويو.
- اسڪولي شاگردن سان بدفعلي ڪئي ويئي ۽ ڪيترن انسانيت کان پري بيهودي نموني ذهني ۽ جسماني عذاب ڏنا ويا.
- ڏيهي آباديءَ کي، غيرمقامي آباديءَ جي هٿان نه رڳو قتل ڪرايو ويو پر هن ڌاريندڙ رواداريءَ کان ڪم وٺندي اڳرائي ڪندڙن کي ملڪ ۽ مذهب جو خيرخواهه ۽ ٻي ڌوهي ماڻهن کي ملڪ دشمن، سماج دشمن ۽ مُٺ جيترا (Minority) چئي، هن ڏيهه کي اجتماعي قتل گاهه ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.
- نه رڳو ايترو پر جاڳرتا جي مخالف ڏيهي چاپلوسن کي هٿيار بند ڪري گهرو ڏڦيڙ جي هٿ ٺوڪي سازش ڪئي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪو ڪنديون آهن تڏهن سامراجي قوتن جي
اتحاد ۾ ڏار پئجي ويندا آهن."

قومي، عوامي ۽ جمهوري رنگ ۾ رچيل خاڪي جو پي جو هي نظم ان مثالي ايڪي جو مظهر ۽ نيڪ آمي ۽ خود ايڪي جي دعوت به . ڪاڇي کان ڪارونجهر ڪيٽي، سري ڪانلاڙ تائين وسندڙ سنڌ جي هڪ ڪروڙ عوام ڪيٽي. اسان جي ايڪي ۾ رنڊ ڪون اسان جون ڪوڙهيون ۽ جاري ورتل ڪلهوڪيون روايتون آهن. انهن روايتن جي نفي ۽ جو اظهار ١٩ ڊسمبر ٨٤ ١٩ع تي ٿي چڪو آهي. تنهنڪري اهو ئي ڏينهن اسان جي ايڪي جو ڏينهن به آهي.

هي ززلڻون نوانوي پرسينٽ
آسمان جي مهرباني آهي
امن جلسي، جلوس جي هوندي
منهنجي ڏرتي جي ڪامراني آهي.

(زيب عاقلي)

جڏهن سموري قوم آپيشاهي ۽ جي ڪُمهري ۾ ڏمر جو شڪار هجي تڏهن ڪو به وطن دوست اديب رڳو تماشبين رهي نٿو سگهي - سچو، عوامي توڙي عالمگير ادب انهن ئي حالتن ۾ جنم وٺندو آهي.

"آسٽ جن اريج" صنف جي لحاظ کان واقعاتي ڪيڏاري واري شاعري ۽ (Poetical Composition of Comm-emorate events) ۾ شمار ڪرڻ گهرجي. ادب جي تاريخ ۾ واقعاتي ڪيڏاري واري شاعري ۽ جو پنهنجو جدا مقام آهي. واقعاتي شاعري جا ڪجي پهچ (Reportage)

جوهڪ ٻيو آهي، جنهن جي وسيلي انسان کي تاريخي واقعن جي ظاهر ٿيڻ - ها ڃن ۽ حادثن جي ڄاڻ - حادثن سان مقابلي جي سڌ، هنڌن ۽ ماڳن جي ورور، اجتماعي توڙي انفرادي ڪردار جي ادائگيءَ جي روح ۽ فطرت جي ڄاڻ، حالتن جي ظهور - پيداواري قوتن جي اوسر ۽ پيدا ٿيل نتيجن جي اوڪ ڏوک، مطلب ته سماجي ڦيرگهير جي هر پاسائين ڄاڻ ملي ٿي.

واقعاتي شاعريءَ جو شروعاتي گهاڙيٽو گهڻو ڪري بيت وارو آهي. جيئن:

جي منهن نڱو مرد جي، ته جيڙو نه ويند وڄار،
چرخين ۾ چاچڙ ● جو، هوندس گولين جو گهوگهاٽ،
ڏاڪو پٽ ڏني جو، تنهنجو سيخ ۾ مارينداوساٽ،
بلوا ڪيندندن برم، ڦيري رڻ مٿي راڪاس،
جوهري جيسلمير جو، جنهن کي ڪيچ ۾ آهي ڪاٽ،
سورهيه پيو سيران ڏيندن، ماڇي ڪاٽيندن ماس،
اندر آه اداس، ملان پلڪن منجهه پيروز کي.
(ولو شر)

سِرُ مرشد جو ڌار ڪيو، منڪر جي تلوار،
ڍِڪيءَ تائين سرمبارڪ جي، پيئي پٽي ڏڪار،

● ولو شر جا چاچڙ تا نوريءَ ۽ سردار علي گومر جي مماڻي انڪا ڻ بابت بيت - جيڪي حُرن جي هلچل (گورا راڄ جي مارشل لا وقت) وقت چيل آهن. چاچڙ پيرو جو پاڙو هو.

هي ٿي قيامت، ٿي تڪون تارون تاڙ،
ڪلهوڙي جي ڪار، لعنت لاڳ پرائيو.●-١

ڪن جا اڙد چڙهندا هئا انگلنڊ مان، ڪري موٽ سواريون،
تن جي ٻولي ٻيو نه سمجهي، ڪندا هئا گوڙ گينواريون؛
اهي بادشاهيون انگريزجون، ويا ڪري ڪُڌ ڪارون،
شينهن ٻڪريون "ٻروچ" چئي، ڳنڌ چرن تاڙيون،
پر مرد ٿيون ميون ماڻڻ ڪيي، عام به اختياريون،
ڦري ويون پنڻ تي، نه وير ڪنهن واريون،
ٻڌا حق "ٻروچ" چئي، ٻيو مسڪينن تي مارون،
جوان وتڻ اڳون ڪئن جيل ۾، ٻين جون ڪن پرين پچارون،
جنهن جي زال ٿڌسن خاشي، تن لاءِ ڪلي بد معاشي امتزاظلم گهڻا زاريون.
(رستم رند)

ٻن پاسي پاڻي، سامهون دشمن دوبدو،
ٿاتا ٻم، شيشا ٻگا، ڳنس اڏ ائي،
رت گا ڏڙ پاڻي، آيو تري آڪين. ●-٢
(تنوير عباسی)

---

●-١ صوفي آسارام جا واقعا تي بيت- شاه عنايت شهيد تي چيل.

●-٢ چوٿين مارچ ١٩٦٧ع تي ايوبي آمريت خلاف شاگرد ھلچل تي رهيل ڪيڏارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄڪلهه واقعاتي شاعري نظم جي گهڻائيءَ ۾ ڀي پيش ٿي رهي آهي.

دشمن ڏوڙ ڦڪي ڀي چڪو آ،
ويري وار ڪري ڀي چڪو آ،
هڪ ختم نه ٿيندڙ نفرت جو،
ويري وهُه پياري ڀي چڪو آ.

قرآن آهي رڪ ٿيو پيو،
ڌرتي ساري دونهون آهي،
رشي، مُني، اوتار، پيمبر،
هر سو نهون اٺ سو نفون آهي،

ويري نيت ڀي ويري ڏٺو،
آنڊ ۾ ويو ٿاندا پائي،
سنڌ الاجي سڙي چڪي آ،
پر هر سنڌيءَ جي سيني ۾،
جوالا ويٺي آ جاڳائي. ●

(امداد حسيني)

هو سوڙهيءَ سنبري نڪرن ٿا،
جهونجهار جتا ٿي نڪرن ٿا،

---

● انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ٣١-١-١٩٧١ع تي ڏنل باهه واري سانحي کان متاثر ٿي لکيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جيءُ هٿي توجهو مريون،
تيار ٿيو اي سومريون،
۽ راتو وا هيو سام وٽو،
تنهن ابڙي جي، جنهن جهڙو ڪو،
اڄ ديس سڄي ۾، وير نه آ.
هن وقت نديءَ ۾ نير نه آ،
ڪي نيش ڪٽو، ارموش ڪٽو،
ڪي پنڌ پئو ڪي پير هٽو.
آسام اوهان لاءِ ابڙن جي،
جئن چانو ٿئي ٿي ڪبڙن جي،
هو آڏي ڍال نه ڍارن ٿا،
آ غيرت تن جي رڳ رڳ ۾،
۽ ڪنڌ جهڪائڻ ڪا ناڳ ۾،
هو ڪنڌ ڪپائڻ چاهن ٿا،
۽ تيسين سينو ساهن ٿا،
پي جيسين جام شهادت جو،
هو ڪن ٿا سنڌ ڌريءَ کي سجدو.
(شيخ اياز)

باهه ـ
ڦٽڪا ـ
پيرُ
ڏوٿيا ـ
زلزلي تي زلزلو ـ

چاتہ ظالم زلزلو!
ڇا ته سامهون پارڪر جا پٽ هي تنهنجو حوصلو!
ڪنڌ ڪارونجهر جو،
ڪاپوءَ جو ڪلهو،
پير پٽ جا،
دل ڪرڙءَ جي،
هوتي، هٿ هالار جو،
هي آ ڪولهي رولو!
(استاد بخاري)

خاڪيءَ جو هي واقعاتي شاعريءَ جي صنف ۾ وڏو احسان آهي؛ يڪسان وطن دوست ادب ۾ هي نظم نه فقط وڏو مقام ماڻيندو پر اسان جي ادبي روايتن لاءِ هڪ اهم ڪارائتو موڙ ثابت ٿيندو. آسرط جن انهيءَ ۾ پيش ڪيل شاعريءَ جو گهاٽيتو اپيڪ ريپورٽيج وارين خوبين رکي ٿو. تنهنڪري هن شاعريءَ کي "انقلابي ڪيڏارو" ڪوٺڻ ڪو وڌاءُ نه آهي.

ڪارين راتين قيد ڪٽي،
پرمارن جا پير پٽي،
لٽيرن جا لوڙهه لٽي،
'خاڪي' خلقٽها ۾ آئيا.

خاڪيءَ جو سڌو سنئون مخاطب عوام آهي. تنهنڪري هن سماجي ڪارج لاءِ ڪنڌ ڌرسمورين قوتن کي ڪنهن وڏائي يا اجائي دٻاءَ هيٺ نه آندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ڌٽي سنڌال اُتيا،
ڪڏ نديءَ ڪنڌ ڪلال اُتيا،
گهنڊيءَ سڀ گِلال اُتيا،
رِڻ سان رڳجهي رت ويا.

اهوئي سبب آهي جو سڄو نظم پڙهندڙ کي پاڻ سان وٺيو ٿو هلي ڇاڪاڻ ته اجائي تڪبنديءَ بدران پيغام، مقصد جي پهچ ۽ حالتن جي ڄاڻ کي ملائي بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري ڄاڻ جو اپيل ۾، ۽ اپيل جو ڄاڻ ۾، تاڃي پيٽو ملي ڪارگذاريءَ جو اهڙو ايڪو (Unit) ٿو ٿاهي، جنهن سان نه فقط پڙهندڙ کي ترغيب (Suggestion) ملي ٿي، پر ان سان گڏوگڏ پڙهندڙ جي ذهن ۾ موجود اڪيچار اڻ نبريل سوالن جا نبيرا پنهنجي ڪارج ۽ اڪارج نتيجن سان نروار ٿين ٿا.

تَر بر، ٿوهر تمُجهي وِيا،
ڳوٺ ڳهر ۾ گمجهي وِيا،
جڻ نه ڄمارون ڄمجهي وِيا،
صديون سڪتي سَنڌ وَتا.

۽ پوءِ....
جوبنِ رُتِ سان جاڙ ڪري،
ترُوهيءَ جي تاڙ ڪري،
رات وڏيري راڙ ڪري،
ڪوٺ وڏي ۾ ڪيس ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماروُئڙن جا مانَ وِڪيا،
شان وِڪيا، ايمانَ وِڪيا،
پئسي تي پٺمانَ وِڪيا،
ناٽي جو نيشان ٿيا.

مذهب جي ئي ناليءَ تي،
پونءِ چڙهيل آيا اليءَ تي،
هيڏي مهن حواليءَ تي،
ڪيڏا آهن ڪنڌ ڀڳا.

سنگينن جي سائي ۾،
سگهو جهي سرمائي ۾،
ڪانگ لنون تا ڪائيءَ ۾،
اسلامي ارواحن جا.

سگهو جي سرجٺهارن ۾،
پورهيت پالڻهارن ۾،
خاڪي، خلقڻهارن ۾،
ڏاڍ - وهيڻا ڏند ڪُٽا.

روندڙ ها آڪاسَ هتي،
"رنگين" جارا ڪاسَ هتي،
برڙ هتي، با ڪاسَ هتي،
ما ٺهوڪائي مست ٿيا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تڏھن ............

لک رتو لاڪاٽُ ڪيتو،
سونهن رتو سيڪاٽُ ڪيتو،
گھوٽن جو گھر گھاٽ ڪيتو،
ڳاڙها ٿي ويا ڳوٺ سڀيا.

ٽاٽو بولاخانَ ڪيتو،
ڪاڇو ڪوهستانُ ڪيتو،
سنڌ - بلوچستانَ ڪيتو،
رتاوانئي روھَ ويا.

ناحق هٿ "نذير" ڪيتو،
ڪنهن بو خون خمير ڪيتو،
روشن ذهن ضمير ڪيتو،
رتَ رتي ڪئي ڏئي راڳا.

بنگالي عوامَ ڪيتو،
بلوچي بي نامُ ڪيتو،
سنڌي سرعام ڪيتو،
انڌ ڪروڙين ڪنڌ ڳڀا ۾

سنڌڙا سٿڙا يارَ ڪتا،
گلڙا ءِ گلزارَ ڪتا،
ممتا جا منٺارَ ڪتا،
آئيندي جا البيلا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتين جا سينگار ڪَنا،
پاٽيارن جا پيار ڪَنا،
جاني جيءَ جيار ڪَنا،
جوڀن رُتِ جي جرڪي جا.

تاڪ منجهندِ جو تالهين ۾،
ڳوٺاڻن جي ڳالهين ۾،
مَرڪ ورهائيءَ مالهين ۾،
وهسڻ جا وهنوار ٿيا.

اڄ رتيي لا لاٽ منجهان،
ڳوٺائي ڳاڙها ٽ منجهان،
ريتيءَ رتو چاٽ منجهان،
جاڳڻ جو ڏا جُنگ پيا.

پيڪ نوان ۽ پيا ڪَ نوان،
چهڪ نوان ۽ چاڪَ نوان،
وِهه ونين جا واڪ نوان،
ڳاڙهه - ڳلو لڻ ڳيرن جا.

جاڳ اسان کي جوڙي وئي،
خيال نٽين کي کوڙي وئي،
اکڙين کي آهو ڙي وئي
ناتا توڙي ننڊ سندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'دادوءَ' شهر دليريءَ سان،
وڙهندي هر ڪنهن ويريءَ سان،
ڇاتيءَ تَڏَ ڇڳيريءَ سان،
اڳرا ٿيءَ سان اُرهه ڏنا.

افغاني اڳرا ٿيءَ ۾،
انگريزي اُسر ڏائيءَ ۾،
آزاديءَ جي آئيءَ ۾،
ڏيهه ڏٺين تي ڏاڍَ ٿيا.

لوليون "لال اڏيري" ۾،
ڳاهون "ڳڙهي خيري" ۾،
ٻاهيون "ٻنگل ديري" ۾،
پڙڪي جنهن پونچال پيا.

'شيخ سنڌي' سڄاڳيءَ سان،
'حيدر بخش' هلاڪيءَ سان،
'بختياور' بيباڪيءَ سان،
بيداريءَ جا بند ٻڌا.

هي نظم هر ڪنهن فڪر-دوست شخص تي هڪجهڙو تاثر ڇڏڻ جي اهليت رکي ٿو. ان ڪري اُن ۾ ايڪي جي تلقين جو جذبو ڪارفرما آهي. اها ٻه "خاڪيءَ" جي ڇاتل سچائي خوبي آهي جو هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي آدرش کي چٽي نموني بيان ڪيو آهي ۽ بنا ڪنهن ابهام جي، جو ته اسان جي سماجي ڪَرِجڻ ۽ حالتن اسان کي هن وقت هڪَ-منو فيصلو ۽ هڪ تاريخ ساز فيصلو ڪرڻ تي آڻي بيهاريو آهي. تنهنڪري مونکي مايوس ٿيڻ بدران خاڪي وَرديءَ واري کي چوڻ گهرجي:

روس نٿين مان راتِ ڪَٽي،
زور ور ظلمات ٽٽي،
يورپ جي پرياتِ ڦٽي،
آيا ٿي انسان پيا.

۽ انهيءَ فيصلي جو بنيادي ڪارڻ آهي:

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

مخدوم بلاول                ٦-٢-١٩٨٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهريون

## پاڪستان جو مطلب ڇا؟
## "ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

محنت جي محراڻ لُٽي،
کُهني رَتَ جي ڪاڻ لُٽي،
سونهن لُٽي، سرهاڻ لُٽي،
سَنڌِ سماجَ شعور ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

انساني اِحساس مٿي،
هرهڪ ڳل جو واس جهٽي،
محنت ڪش جو ماس پٽي،
بيٺا آهن چيٽا ڪتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

هاڃو هر هڪ هاريءَ سان،
ناحق نرءِ ناريءَ سان،
جُنيون جيوت ساريءَ سان،
ذهن زنجيرن ۾ جڪڙيا:
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

اوڳاڇيل الزامن سان،
اوٻاريل احڪامن سان،
ڪاراٽيل ڪهرامن سان،
ڪيئي ڪونڌر ڪنڌ لٿا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهاڻو آ،
قدم قدم تي ٿاڻو آ،
رهزن راڄ ڌڃاڻو آ،
ڏيندو جيڪو آهه ڏَٽا:
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڏاندارن سان ڏيلُ ڏري،
ڪيس ڪري ۾ ڪُهرام ڪري،
ڳاڙهي رت سان ڳوٺ ڀري،
رَتَ پياڪن رڄ ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

تاريڪن آ تاڙَ ڪري،
اوندامين اُونا ڙَ ڪري،
جاڳندا سان ڄاڙَ ڪري،
سونهن - نگر جا سِيجَ ڪُٺا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوين - رُت سان جاڙڪري،
ٽُزوَهيءَ جي ناڙڪري،
راتِ وڏ سيري راڙڪري،
ڪوٽ وڏي مُڪيس عيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

ماروئڙن جا مانَ وِڪيا،
شانَ وِڪيا، ايمانَ وِڪيا،
پئسي تي پيمانَ وِڪيا،
ناٺي سڀ مُنيش وڏا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

سانبيڙا ۽ سانگيڙا،
ويڙهيچا ۽ وانگيڙا،
جهنگ وهيٽا جهانگيڙا،
ڪاري قهر- ڪلورَ ڪُٽا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

ڪورين، موچين، ڪنڀرن جا،
درزين، اوڏن، داين جا،
رازن، وادن، لُهرن جا،
اُرهه زورائيءَ انگ ڏيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درم ڪرم جي ناليءَ تي،
پون چڙهيل آ پاليءَ تي،
هيڏي هن حواليءَ تي،
ڪيڏا آهن ڪنڌ ڀڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڏين ڏرم جي ڏوڪيءَ ۾،
هٿ-وهيڻي هوڪيءَ ۾،
اونده، انڌا اڙوڪيءَ ۾،
آهن پرا علان وڏا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سنگهه وجهي سرمائي ۾،
سنگينن جي ساٿيءَ ۾،
ڪانگ لنون تا ڪائيءَ ۾،
اسلامي ارواحن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

تاريلن ڪي تاٽن ۾،
هاڃن ۾، هاٽن ۾،
گهمسانن جي گهاٽن ۾،
پاپ پُراڻي پيئندڙ وڏا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽَهه ٻَهه ٿو هر ٽمجي ويا،
ڳوٺ ڳهه ۾ ڳمجي ويا،
جڙ ته ڄمارون ڄمجي ويا،
صديون سَڪتي سَنڌَ وتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڄاڙي بازيءَ ڄارو وڄهي،
ڏاڍ-وٽن جا ڏارو وڄهي،
بارودن جا بار وڄهي،
ڪوڙَ ڪُهاڙي ڪَنَ ڏِکيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جيڏل، جيجل ماءُ رُنو،
پيٽ سان گڏ ياءُ رُنو،
هر ڪو آهه وياءُ رُنو،
پيءُ ڪيڏي لڦو پارانيا:
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڪانَ ڪيا ڏِينِ منجهه لڳا،
هوڏ هٿيلا هَڏَ ڀڳا،
دين ڏرم جا ڏهل وڳا،
اَنڌ وڏا انصاف ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍ ڏمــرجي ڏاگهن ۾،
گوند رغم جي گاگهن ۾،
واڳن ۾ ۽ واڳـهن ۾،
آئيءَ ۾ انســان پيــا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

پورهيت پالڻهارن ۾،
سکَ جي سرجڻهارن ۾،
"خاڪي" خلقهارن ۾،
ڏاڍ - وهيڻا ڏ سند ڪُتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

## ٢

ڌڻن تي زنجير هئي،
سنگهرن ۾ منجهه سريرَ هئي،
"واهيت عن وزير" هئي، ●
چاري ڇمڇاگير ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

---

● - يتاڻي جي بيت جي سٽ: "چاري چوگانن ۾، واهيت عن وزير"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيد، ڪڙول ۽ ڪوٽ هئي،
گهاٽي گهايا گهوٽ هئي،
ارڏا ۽ اٿموٽ هئي،
عمريون ڏيئي انسان ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

ناٿي دار نوبل هئي،
ويڙهيچن تي ويل هئي،
ڏنڊا- بيڙيون، جيل هئي،
ٽنگيل جِت ڪِت ٽياس ٿيا-
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

سيٺين سان سهڪار هئي،
پرمارن سان پيار هئي،
سِرجيا سرمائيدار هئي،
رستحصالي ازدها!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

ڏاڍن جا ڏهڪار هئي،
هارين جا هڏ ڪار هئي،
هيٺا سڀ هيڪار هئي،
سوريءَ سزاوار ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙائن جا پنڌ هتي،
آرهه زورايون انڌ هتي،
ڪانڙ ڪيئي ڪنڌ هتي،
غداريءَ ۾ غرق ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڦورو زورو ڦند هتي،
پرماري پيوند هتي،
ڏاڍائيءَ جا ڏند هتي،
ماڻهن ۾ مضبوط ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ريتي رت سان رند هتي،
هاڻن جي هيڪاند هتي،
ڪابه نه آ ويساند هتي،
ظلم، ستم ۽ ڏاڍ سوا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

زوراور جا زور هتي،
شريعت وارا شور هتي،
چمچا چغلخور هتي،
پاڳي پائيوار ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَٽَ - وهيٽي هاڪ هتي،
ڏاڍ - وهيٽي ڏاڪَ هتي،
رهڻ رَتَ - پياڪ هتي،
مِرڪائين زبان پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“،

اونداهه آڪاسَ هتي،
”ريگن“، جارا ڪاسَ هتي،
بربرتي، باڪاس هتي،
ماٺو ڪاٺيءَ مست ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جبر سند وجنگا هُ هتي،
قومي قتل گاهُ هتي،
گوٺ ٿيا سپ گاهُ هتي،
هاڃي هاٿين هلرن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون ڦٽڪا، مارشل لا!“،

اسلامي اعلان هتي،
شِمر هتي، شيطان هتي،
نمرود ۽ نعمان هتي،
خبيث مان خانَ ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظُلمَ هتي، زندانَ هتي،
ڦاهين جا فرمانَ هتي،
عاجز سڀ انسانَ هتي،
دين - وصيتي دوکي جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

آمريڪي ايمانُ هتي،
سرمائي جي شانَ هتي،
سيٺ، وڏيري، خان هتي،
آربين آهن عيش ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

گهرَ، گهٽيون ۽ گامَ هتي،
آدي ۽ ماڻهو عامَ هتي،
ننگن جا نيلامَ هتي،
دولت جي دستور ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

هوڏَ هنيلي هامَ هتي،
سرمائي جي سامَ هتي،
جرنل ڪرنل جامَ هتي،
گيڙ ڪائي ويا ٻوٽ سچا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڌَ هتي، آلامَ هتي،
ڪوسَ هتي، ڪُهرامَ هتي،
قومن هي قتلامَ هتي،
ٻاڙهي رُتَ ۾ گوڙ پيا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ريتا آ پيري رنگَ هتي،
ارڏا آ پيري انگَ هتي،
نيهي نينهن ـ نسنگَ هتي،
ڳيروءَ ـ رُتِ جي ڳيتَ رتا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڏوري پنهنجي ذاتِ هتي،
لالَ لهوءَ جي لاتِ هتي،
آنڌا آ ڏيءَ راتِ هتي،
پرهه ـ پريءَ جا پاڇولا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٣

اوندهه "عبدالرزاق" ڪُٺو،
محبت جو ميثاق ڪُٺو،
مُڪتيءَ جو مشتاق ڪُٺو،
ڇاڇا انڌَ، انڌيرَ ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
«ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!»

ظُلمت "ذوالفقار" ڪُٺو،
مارڻ مان منٺار ڪُٺو،
سورت ـ وند سنگهار ڪُٺو،
سوريءَ تي جنهن سَڌَ ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
«ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!»

ناحقَ ڪالهه "نذير" ڪُٺو،
ڪُهنبو خُون خَمير ڪُٺو،
روشن ذهن ضمير ڪُٺو،
رَتِ ـ رَتيءَ ڪيي ڏيئي راڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
«ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!»

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر ائين ۽ ”احسان“ ڪُٺو،
سانگهڙن جو شان ڪٺو،
مارو ٿرن جو مان ڪُٺو،
سنڌ ڪن پرسپ سڌ بڌا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦندڪا، مارشل لا!“

”انور“ ۽ ”امان“ ڪُٺو،
”مالڪ خشڪ“ مهان ڪُٺو،
امڙ جو ايوان ڪُٺو،
”نوڙيءَ“ وٽ ڪيئي ٽهڪڙا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦندڪا، مارشل لا!“

”مِنو“ اڄ منٺا رڪُٺو،
”زڪريا“ جهڙو يار ڪُٺو،
سنڌ سڄيءَ جو سار ڪُٺو،
ڳوٺاڻن جا ڳيپ ڪُٺا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦندڪا، مارشل لا!“

بنگالي عوام ڪُٺو،
بلوچي بي نام ڪُٺو،
سنڌي سرِعام ڪُٺو،
آنڌ ڪروڙين ڪنڌ ڀڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦندڪا، مارشل لا!“

---

● - نوڙي ريلوي ڦاٽڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٽانڊو ٻولا خان" ڪُٺو،
"ڪاڇو،" ڪوهستان ڪُٺو،
سنڌ، بلوچستان ڪُٺو،
ريتاوان ٿي روهه ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

"ڳوٺ نوڙهو" پاڻ ڪُٺو،
"مينگهو فقير" مهاڻ ڪُٺو،
"ميرپور، "ميرو خان" ڪُٺو،
جِت ڪِٿِ رت جا ڦوهارا،
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

"ٻوبڪ" ۽ "باغبان"، ڪُٺو،
"جوهيءَ" جو جولان ڪُٺو
"ڳاج" "سند و ڳمسان ڪُٺو،
ڪاچيلا ڪُونڌ ڪُٺا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

اوندا هيءَ "ابڙان" ڪُٺو،
"ڏاڍا ائيءَ" "ڏيڙان" ڪُٺو،
گولين گامڻ خان ڪُٺو،
سَڏَ اسان ڪان هَڏَ وتا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سيوهڻ" سان گڏ "سَنُ" ڪُتو
مارِوئڙن جو مَنُ ڪُتو،
وانگيئڙن جو وَنُ ڪِتو،
پنڌَ اسان کان سنڌ وتا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاميون، ڦنڪا، مارشل لا!"

گولين "ڳاجي شاهه" ڪُتو،
ناحق "ناٿن شاهه" ڪُتو،
آنڌيءَ "ابريو شاهه" ڪُتو،
ڪاڪ ڏٺيءَ جا ڪنڌَ لٿا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاميون، ڦنڪا، مارشل لا!"

"ٺڪراٺوءَ" نيپاٽ "ڪُتو،
"مٽڙاٺو"، موڙاٽ "ڪُتو،
سانوڻ رُت جو ساٿ ڪُتو،
ٿرايائيءَ ڏھڪار ڪيا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاميون، ڦنڪا، مارشل لا!"

"ڪيبر" ۽ "ڪاٺوٽ" ڪُتو،
"پنيو" ۽ "پاٺوٽ" ڪُتو،
ڳاڙهي رَتَ هرگوٺ ڪُتو،
ڪتنبن ۾ ڪيڪاٽ پيا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاميون، ڦنڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪ - رتو ”لاڪاٽ“ ڪُتو،
سونهن - رتو ”سيڪاٽ“ ڪُتو،
گهوٽن جو گهر گهاٽ ڪُتو،
گاڙها ٿي ويا ٻوٽ سڀئي؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

”ڪلان ڪوٽ“ ”ڪلياڻ ڪُتو“
”رني ڪوٽ“ ”رونجهاڻ ڪُتو“
”جهونا ڳڙهه“ ”جهونجهاڻ ڪُتو“
لوءِ - رتيءَ جا ليڪ ڪُتا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

”ڪوٽ ڏجي“ ”ڪوهيار ڪُتو“
”هاڙهو“ ۽ ”هالار“ ڪُتو،
”گنجو“ ۽ ”گرنار“ ڪُتو،
سنڌ سڄيءَ جا سنڌ ڪپيا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

”چانهوڻ“ چمڪيدار ڪُتو،
”ڪاهو“ ڪلنگيدار ڪُتو،
”موهن“ مشيادار ڪُتو،
انساني احرام ڪُتا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِمچکين کان ”هنگلور“ ڪُنو،
پرين کان ” پنيور“ ڪُنو،
” ڪيڦي “ ۽ ڪشمور“ ڪُنو،
تڏهن تہ مرڪي ڏَنَ تہ ڏنا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

” ڪارونجهر“ جي ڪورَڪُٽي،
جُهڙ ڦُڙ جهورِ جهڪورڪُٽي،
ڳاڙهي رت ٻهور ڪُٽي،
لَت پت رَت ۾ رِڳ رتا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

” ڪراچي،“ ” قلات“ ڪُٽي،
” ڪڙيائي،“ ”ڪڙچات“ ڪُٽي،
”ڪينجهر“ ڪاريءَ رات ڪُٽي،
”سونهري“ جا سنڌ ڪُٽا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سونَ - سريکي سِنڌ ڪُٽي،
تَنهنجي مَنهنجي جندُ ڪُٽي،
چندن جهڙي چَندُ ڪُٽي،
سرڪنڊ جهڙا سَاه ڪُٽا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامي، سچل، شاهه ڪُٺو،
سنڌ، سنڌو درياهه ڪُٺو،
وانگين جو ويساهه ڪُٺو،
ڳانڍاپي جا ڳاٽ ڀڳا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جيجل جو آجيءَ ڪُٺو،
پُٽڙن جو پيءُ ڪُٺو،
وِلهيءَ وارث ويءُ ڪُٺو،
ڇانوَ- مٿي جي جيڪي ها!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

رات ڪُمهريءَ ذاتِ ڪُٺي،
لاک رتائين لات ڪُٺي،
پکڙن ۾ پر يات ڪُٺي،
ڪرڻ ڪي سوَکان لڳا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

هيٺي جي هر حُرڪ ڪُٺي،
مظلومن جي مُرڪ ڪُٺي،
ڪنجهڪڻي ءِ ڪُرڪ ڪُٺي،
سُڏڪن پريل سڏ ڪُٺا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيت ڪَني هٿ هار ڪَني،
لوڏ ڪَني، لمڪار ڪُني،
وينگس وچ بازار ڪُني،
داد نہ ڪي فرياد ٽيا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڇير ڪُني، ڇمڪار ڪُني،
ٽنڊ ڪَني ۽ ٽار ڪُني،
ٻيجل جي ٻاڪار ڪَني،
ڇوراهن تي ڇنگ ڪَنا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

٤

پوڇا ڙيءِ جا پير ڪُنا،
”سرمسانجهيءَ وير“ ڪُنا، ●
ماريءَ سڀ منهن ـ ميرڪنا!
هنج اسان جيءَ هُرڪر جا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

---

● عبدالواحد آريسر جي ڪتاب جو نالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄارين ڄا واڄام ڪُتا،
ڄڪري ڄمڙا ڄام ڪُتا،
آزاديءَ لئه عام ڪَتا،
ڳاڙها ڳيرو ڳوتا ٽا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”قاهيون، قتڪا، مارشل لا!“

مارُو منهنجا مور ڪُتا،
بوراق وَهي، ٻورڪُتا،
ارڏا اسپ آتور ڪُتا،
سِنڌ وطن جا سيپار!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”قاهيون، قتڪا، مارشل لا!“

گهيڙ ڪُتا ءِ گهات ڪُتا،
ڳيرو ڳاڙها ڳات ڪُتا،
چوڏاري چوُوات ڪُتا،
ڏرتيءَ سرتيءَ ٻجا سرتا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”قاهيون، قتڪا، مارشل لا!“

ڪرلاهن جا ڪنڌ ڪُتا،
پيار، پنهونءَ پنڌ ڪُتا،
سَسئي ۽ هِت سنڌ ڪُتا،
چڙهند ۽ ڪيئي ڇاڙهيڪا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”قاهيون، قتڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَچَ ڪُتا ۽ سيلَ ڪُتا،
ڏَڏَ ڪُتا ۽ ڏيلَ ڪُتا،
پائر پنهنجا پيلَ ڪُتا،
سَنڌ پلاريءَ سنڌوءَ جا:

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

جهنگَ ڪُتا ۽ جهولَ ڪُتا،
ڏَتُ ڪُتو ۽ ڍولَ ڪُتا،
ڪرهن ساڻ ڪَهول ڪُتا،
ڏوٿين ڏُتَ وهيڻن جا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

سوچَ نئين ۽ جا سنگَ ڪُتا،
لوچ نئين ۽ جا لنگَ ڪُتا،
ڌرتيءَ جو ڌِڳَ ڪُتا،
تاڪ منجهند جو تي تولا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

سونا سونا سنگتَ ڪُتا،
اُجرا اُجرا انگتَ ڪُتا،
پنهنجا ڏڙيون، ڏنگتَ ڪُتا،
آزاديءَ جي آرهن جا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحر ڪُٺا ۽ بَرَ ڪُٺا،
ٿاڪَ ڪُٺا ۽ ٿَرَ ڪُٺا،
پون ۽ سجيءَ جا پرَ ڪُٺا،
پيلي پنهنجين پانهن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جانِ ڪُٺي ۽ جگرَ ڪُٺا،
سوچ ڪُٺي ۽ فڪرَ ڪُٺا،
ذهن، ضمير ۽ ذڪر ڪُٺا،
روح رياضت منجهه ڪٺا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

آرٽ ۾ اوتار ڪُٺا،
بارٽ ۾ پڪرار ڪُٺا،
ڌرتيءَ ڌنار ڪُٺا،
ڪيئي ڳائي ڪيڏارا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

”ساهتر جا سينگار“، ڪُٺا، •
ڪيئي ڪونڌَ ڪُنيار ڪٺا،
مينهون ۽ ميهار ڪٺا،
سهڻين جي ٿي سپن جا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

---

•

پوکن منجهه پنهوار ڪُتا،
رڻ پٽ ۾ ريڊا رڪُتا،
گوٺن منجهه گنوار ڪُتا،
ڀاڳيا ڀوڻ ۽ ٻلاريءَ جا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا! “

مارو ميگهه - ملهار ڪُتا،
ويڙهيچا ولهار ڪُتا،
سرجڻهار سنگهار ڪُتا،
ريتيءَ رُت جا ريهار!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا! “

ماروئڙن جا ماڳ ڪُتا،
لاکيڻن جا لاڳ ڪُتا،
ڀون ۽ ڀتون ”ڀاڳ ڪُتا،
ڪرلاهن جا ڪنڊ لتا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا! “

چوٽيلين جا چاڳ ڪُتا،
پابوهين جا پاڳ ڪُتا،
صورت - وند سهاڳ ڪُتا،
موهن، ميندي مهڪ - رتا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا! “

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسَ ڪُٺي، ارمانَ ڪُٺا،
ديدَ ڪُٺي، درمانَ ڪُٺا،
پيار سندا پيمانَ ڪُٺا،
ڳيڙوءَ - رُت جا ڳانڍاپا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

شرنائين جا شانَ ڪُٺا،
ميراثين جا مانَ ڪُٺا،
پيچ پيني ءَ جو پانَ ڪُٺا،
ڏاتارن کي ڏنگ لڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

ڪاڪ ڏٺي ڪلوانڻَ ڪُٺا،
سگهڙ - ڏٺي سروانڻَ ڪُٺا،
سانگي سڀ سچاڻَ ڪُٺا،
راڄن پاڳن جا راڪا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

پٽَ ڏٺيءَ جا ٻاڻَ ڪُٺا،
تجاڳ اجهاڳ جوانڻَ ڪُٺا،
ٻارَ، ٻُڍا، ٻلوانڻَ ڪُٺا،
سنڌ - نگر جا سونهارا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرڪن جا مهراڻ ڪُنا،
آسن جا اُڌيارڻ ڪُنا،
نينهن- نڪور نياڻ ڪُنا،
جوڀن- ورنن جذبن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

نينهن- نگر جا نُورَ ڪُنا،
پريت- نگر جا پُورَ ڪُنا،
تَنِ- نگر جا طُور ڪُنا،
پيچل جي پاڪارن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا،
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

رمزون رمزون راز ڪُنا،
البيلا، آواز ڪُنا،
ناز ڪُنا، انداز ڪُنا،
پريت- نگر جي پيارن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

حُسن ڪُنا، هُبڪار ڪُنا،
سُونهن- سڳنڌ سنگهار ڪُنا،
پند رهن سالا پيار ڪُنا،
جوڀن- رُت جي جر ڪي جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا!
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرتين جا سينگار ڪُتا،
پاڻيارين جا پيار ڪُتا،
جاني جيءَ - جيار ڪُتا،
سونهن - وهيڻن سپن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

يار ڪُتا، دلدار ڪُتا،
گيرو گيچيءَ هار ڪُتا،
هاڃي هڪ هزار ڪُتا،
ڇاڻا پنهنجيءَ چاهت جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا مارشل لا!“

لال گلابي گيت ڪُتا،
سرخيءَ - رت سنگيت ڪُتا،
ماڪيءَ لا رون ميت ڪُتا،
لوريون لوريون لاڪ - رتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

مومل جا هت مَنڊ ڪُتا،
جيڏين جا هت جنڊ ڪُتا،
چانڊ وڪيون ۽ چنڊ ڪُتا،
تارن ڪيءِ هت تير لڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا!
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙا مـبـتڙا بارَ ڪُـتا،
گُلـڙا ۽ گُلـزارَ ڪُـتا ،
ممتـا جا منـارَ ڪُـتا،
مستقبل جا مـورَ ڪُـتا ؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦتڪا، مارشل لا!“

اوبـِرَ ● جا ايمانَ ڪُـتا،
اولھ جـا ارمـانَ ڪُـتا،
ماڻھوڪَ مَهانَ ڪـتا،
سنگَ سُپـنڌَ شـهيـد ٿيا.
پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦتڪا، مارشل لا!“

رتُ پتُ پنهنجا ريتَ ڪُـتا،
ڪيڙيون پنهنجا ڪيتَ ڪُـتا،
وايون، ڪافيون، بيتَ ڪُـتا،
سازَ ڪُـتا، سنگيتَ ڪُـتا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
” ڦاهيون، ڦتڪا، مارشل لا!“

---

● اوبِر — مشرقي پاڪستان، جيڪو هاڻي بنگلاديش آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پيو

ڳوندر، غم جي غارن ۾،
ڏک، ڏمر جي ڏارن ۾،
اَنڌ وهن جي آرن ۾،
ڏوٽيڙن جا ڏيلَ ڏريا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

آزاديءَ جي آري ۾،
وڙهند ڙَرَتَ جي واري ۾،
ناحق جي هرناري ۾،
خلقٽهارن ڇُوتَ ڏنا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

اوندهِ اهين اٺيا تين ۾،
ڪُونڌَ ڪُسي وِيا ڪاتين ۾،
لوءِ به هوڏَ حياتين ۾،
سُونَ - سريڪا سَنڌَ ڏبا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻين جي هَڏ ڪارُن ۾،
لالَ لهوءَ جي لارُن ۾،
ميندي جي مهڪارُن ۾،
ڪاڪ - ڏٺين جا ڪنڌ ڪريا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سِرجي سِرجي سورن ۾،
ڪاٺا نڀن جي ڳورن ۾،
پيرهو ڦٽن جي پورن ۾،
ڳَريا ڳِٽَ غلا مـيءَ جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ماٺجهي مَلهَ مُهاڙن ۾،
ڪوپا ڪُلِ ڪُهاڙن ۾،
پيرين پنڌِ پهاڙن ۾،
ڪاهوڙين جي ڪيرِ ٿيا.
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جيڏن، سرتن جوڙن ۾،
ڳهوٽن ۾ ۽ گهوڙن ۾،
ميندي ءَ - رُتِ جي موڙن ۾،
لِڪ لهوءَ جي لاٽ رتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهندي وڙهندي واٽن ۾،
ريتي رَت جي ڇاٽن ۾،
لال لهوءَ جي لاٽن ۾،
سنڌَ سنگينن ساڻ وڙهيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

ڳاڙهي رَت جي ڳاهڻ ۾،
رَڪ وهندين راهُڻ ۾،
آدرشي ۽ ننگاهڻ ۾،
تاريخي طوفان اُٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا!
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

سانوڻ توڙي سياري ۾،
سَرءُ، بهار، اُنهاري ۾،
ويڙهاڪن جي وارِي ۾،
للڪارن سان لِڪَ اُٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

جهر جهنگ، جهوپڙين جهانگين ۾،
ساهه پنوڙيل سانگين ۾،
واچوڙن لٺ وانگين ۾،
ڳوٺ سمورا ڳنڍجي ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦهري ڪرڳل ڪاهن ۾،
روڙ ڪسندي راهن ۾،
ڳوٺاڻن جي ڳاهن ۾،
ڳائي ڳائي ڳوٺ اُٺيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ريتيءَ رُتِ جي راڳن ۾،
پيچ پيچيءَ جي پاڳن ۾،
مُرڪَ وَهيءَ جي ماڳن ۾،
جوين رُتِ جولان وَتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سِنڌُ سڄائيءَ ساهت ۾،
جنگ وڄائي چاهت ۾،
آڳُرَ پاري آهت ۾،
روڳَ اسانجا رِجندا ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ٿاڪ منجهند جو ٿالهين ۾،
ڳوٺاڻن جي ڳالهين ۾،
مُرڪَ ورهائي مالهين ۾،
وِهسڻ جا وهنوا رتيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرجي گونڊ رگيتن ۾،
سِرجي سور سنگتين ۾،
چنتا ڀرين چيتن ۾،
چانڊوڪين لئه چنگ وڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

رات اسان جي راتڻ ۾،
چاهت - رُت جي چاڻ ۾،
محبوبائن ماڻن ۾،
مرڪ - پڙي ءَ ڄام وهوڦٽا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

قرب - نگر جي ڪڪرن ۾،
پيار - نگر جي پکڙن ۾،
نينهن - نگر جي نجهرن ۾،
ترٻڙ رُتِ جا تير لڳا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سونهن - وهيٽي سام منجهان،
چنڊ - وهيٽي ڄام منجهان،
پنهنجي عشق آتام منجهان،
احساسن اُمنگ ورتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرگم سُرندي ساز منجهان،
البيلي آواز منجهان،
راز منجهان انداز منجهان،
ڳائڻ ڳيرو ڳوٺ پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

لاک - رتي لالاڻ منجهان،
ڳوناڻي ڳاڙهاڻ منجهان،
ريتيءَ رتو ڇاڻ منجهان،
جاڳن جوڌا جنگ پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

لاڪَ رتائين لات منجهان،
پرهه ڦُٽيءَ پرڀات منجهان،
ڏينهن ٽيڙ جي ڏات منجهان،
صُبح ورايون سونهن - رتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

وَر وَر وِنڊَ ولوڙ منجهان،
لاکيڻ جي لوڙ منجهان،
آزاديءَ جي اوڙ منجهان،
رِتاوان ٽي روح ڦٽا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُونهن منجهان، سَچ منجهان،
مُحبت ـ رُت جي مَچ منجهان،
ريٽي رنگ جي رَچ منجهان،
ڳاڙهسرا ڪئين ڳاٽ ڦٽا.
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ريٽيءَ رُتِ جي ريجَ منجهان،
سُرخيءَ رُتِ جي سيجَ منجهان،
ڪِهنبيءَ رُتِ جي ڪيجَ منجهان،
ڪُنگوءَ ـ رنگا ڪَنڌ ڪٽيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ٻاپاڻ جي ٻج منجهان،
نَهري، نِرمَل نِج منجهان،
صُبح نئين جي سج منجهان،
ٽڙا هپ جاٽي ٽڏ ٻنهن ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

پيڙائن جي پاڙَ منجهان،
ٻُڌرائي جي ڳاڙَ منجهان،
جيوت جيئڻ جهاڙَ منجهان،
سوچ ـ وهيڻا سنگ ڦٽا.
پاڪستان جو مطلب ڇا
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻ- رمائيءَ جي سَگهہَ منجهان،
اونداهيءَ جي اَگهہ منجهان،
ڏاڍائيءَ جي ڏَگهہَ منجهان،
ڪُهنبا سِرجن خيال پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

وانگين جي ويچارَ منجهان،
سانگين جي سهڪارَ منجهان،
هيڻن جي هاڪارَ منجهان،
ڏاڍَ، ڏَمرَ، ڏاميچ ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

جهرڪي پنهنجيءَ ڄارَ منجهان،
پڙڪي پنهنجي پارَ منجهان،
وڙهندڙ رتَ وٿارَ منجهان،
ٽهڪڻ - رُتِ جا ٽاهَ ڏِنا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

سانوڻ جي سهڪارَ منجهان،
وڙ ڦُٽي وسڪارَ منجهان،
تاريڪي تڏڪارَ منجهان،
سانگيئڙن لئه سهجَ ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانهن جي دستورَ منجهان،
محنت جي منشورَ منجهان،
هارِيءَ مزدورَ منجهان،
سمجهو سياڻپ جي سَڏَ کيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

مارُوئڙن جي ماڳَ منجهان،
ويڙهيچن جي واڳَ منجهان،
جيوتِ جي هر جاڳَ منجهان،
آزاديءَ احرامَ ٻَڌا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

دِل جي هر ڌڙڪن داٽيءَ مان،
رُوح جي هر ڌڙڪن راٽيءَ مان،
ڪالهه، پرينهن ۽ هاڻيءَ مان،
مُرڪن جا مهراڻ ڦَٽا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

پريت- وندن جي پنڌن مان
سُونهن- وندن جي سنڌن مان،
ڪُوين پنهنجن ڪنڌن سان،
آزاديءَ انسانَ وَٽا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڙهي رت جي ٻارن مان،
آزاديءَ جي آرن مان،
سوڍن سنڌ سنگهارن مان،
جاڳيا جنگ جوان پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جهانگيرن جي جهولين مان،
ڏوتيرن جي ڏولين مان،
باباڻن جي ٻولين مان،
سهسين سرخ سلام ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

پاٽن مان، ٻوساٽن مان،
ڪُوڪن ۽ ڪوڪاٽن مان،
ويڙهاڪن جي واٽن مان،
پنهنجا آهن پيڌ پڪا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جهنگن مان جهوپن مان،
ڪُوندن مان ۽ ڪُوپن مان،
پنهنجي رت جي روپن مان،
چمڪن تارا چنڊ پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيلن مان ۽ ٻيٽن مان،
ڪوچن مان ۽ ڪيٽن مان،
پنهنجن رستن، ريٽن مان،
ريلا ٿي سڀ راڄ اُٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

روڳ - وهيڻ رنڊن مان،
جهنگ اُمنگ جي جهنڊن مان،
ڪاهي ڪرڙن ڪنڊن مان،
آيُون انقلاب پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

غفلت جي گردابن مان،
دوکي جي دولابن مان،
"خاڪي" خام خوابن مان،
سانگي نيٺ سجاڳ ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٢

گونڊ رسنجهه گلابَ ڦٽا،
اکين منجهه عذابَ ڦٽا،
خيالن منجهه خوابَ ڦٽا،
جن مان سُرخ شبابَ ڦٽا.
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

چاند وکين جا چنڊَ ڦٽا،
معبو باٺا مَنڊَ ڦٽا،
سرهيءَ رُتِ سرڪنڊَ ڦٽا،
واسي جن وَويڪ وَتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

آنديءَ مان انسانَ ڦٽا،
اگٽ اگٽ اعلانَ ڦٽا،
آدرشي ايمانَ ڦٽا،
پورا ٿي مُتيدَ ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳڻ نٿين، جيئڻ ان نوان،
پون ۽ نٿن، پگهار نوان،
آدرش ۽ ايمان نوان،
سوچ نٿين ۽ مان سِرجي پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

دردن جا درمان نوان،
سورن جا سامان نوان،
انساني احسان نوان،
محنت ڪش مزدورن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

عشق نئون، انجام نوان،
البيلا انداز نوان،
دلين ڳنڍڻ جا دام نوان،
پورهيت سونهن سباجهي جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

پريت نئين، پيمان نوان،
مرڪ نئين مسڪان نوان،
جذبن جا جولان نوان،
پريت نئين ۽ ميلڻ پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيگ نوان ۽ پياڪ نوان،
ڇهڪ نوان ۽ ڇاڪ نوان،
وهہ وڻين جا واڪ نوان،
ٻارڙهہ ٻچڙن ڳيرن جا،
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

چنڊ، مهينا، ڇاهہ نوان،
ميلا ٻن جا ماهہ نوان،
ڳيراهن جا ڳاهہ نوان،
ٻانهيارين جي ٻاجهہ ٽيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

چنڊ نئين ۾ ڇاڳ نوان،
رُوح نئين ۾ راڳ نوان،
ٻُون ۽ نئين ۾ ٻاڳ نوان،
پيچ - پيچي جو پيچي ٽيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

جاڳ اسان کي جوڙي وئي،
خيال نئين کي کوڙي وئي،
اکڙين کي آهوڙي وئي،
ناتا نوڙي ٻنڌ سند!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوَنءِ پيلا ري پاڳَ ڏيئي،
ريتي رت جا راڳَ ڏيئي،
جيون کي نئين جاڳَ ڏيئي،
سچَ سُجا ڳيءَ جاڳيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

راوتَ ريتو رَتُ ڏيئي،
”ساٿوُ“ سُرخو سَتُ ڏيئي،
ڏيڍُ ڏيئي ۽ ڏ تَ ڏيئي،
سِنڌُ ڪري ڇڏ سُرخ ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سرتيون اَڄ به سِنڌُ وَئي،
سورهيه سُرخ سپوت ڏيئي،
اهڙي ڪنهن به نه ڪَتَ ڪئي،
راوت رتُ مچائيندا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سُونهن سڀا جهڙي سرڄائي،
پرهَ-پريءَ سان پرچائي،
جوڀن-رُت سان جرڪائي،
جڏ بن جا جولان وَتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڻ جِيين سان جرڪائي،
پوشَ پرڪَ جا پهرائي،
جڳَ سڄي کي جرڪائي،
اُندهه مان انسانَ اُٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڳاڙها گيرو ڳڀرو ڪهرائي،
لال لهوءَ ۾ لهرائي،
پونءِ سڄي کي پڙڪائي،
ريتائتي سڀ راڄَ وِيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

جوڳ پڇائي جو ڀيڙا،
سنڪَ وڃائي سا ميڙا،
پرهه ڦٽيءَ جو پانڌ پيڙا،
نفريون، نادَ وڃائي پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سمجهه-پريا تي ساڻگيڙا،
ويڙهاندڙن ۾ وانگيڙا،
جهيڙي جهيڙي جهانگيڙا،
ڪيرائيندا ڪوٽَ ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرمَ ڦُٽيءَ جو پنڌُ ڪري،
صُبحَ نئين جي سونهن پري،
اُنڌاهيءَ جا انگَ ڏري،
روشن پنهنجا روحَ ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ويرين سان ويڙهاند ڪري،
هاڃن سان هيڪاند ڪري،
پنهنجا سيپ پلاند ڪري،
مَڙهو مڪاريءَ جا لٿا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سُڃَ - وطن جي سَنڌ نه ڪي،
رُڃَ - وطن جي رنڌ نه ڪي،
پُنجَ - وطن جي پنڌ نه ڪي،
راڳا پنهنجي رَتَ ڏنا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڏنگي سارن ڏوهن ڪي،
ڏاهي سارن ڏوهن ڪي،
لاهي سارن لوهن ڪي،
پارَ صدين جا پيسڌ ڇنا؛
پاڪستان جو مطلب ڇا،
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاپڙ جتي پي پچندو آ،
رُوح اسانجو رڃندو آ،
جيءُ اسانجو جلندو آ،
کوڙ ڪپت کي ڪاڙهڻ لاءِ!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڪوٺ جڏهن ڪو ڪرندو آ،
ڏاڍ جڏهن ڪو ڏرندو آ،
هانءُ اسانجو ٺرندو آ،
لاهي پيڪڙ پيرن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

رُوحن جا سڀ روڳ ڪڍي،
سورن تا سڀ سوڳ ڪڍي،
ڄاڳ نئين ءَ جي جوڳ ڪڍي،
جوڳي جنڊ جر ڪائي ويا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

مومل سنڌ جي ماڙي تي،
ٽوليون ٽاهي ٽانڊي تي،
ايندا نيٺ نڪاڻي تي،
رُوح اسان جي جا راڻا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رِوشن ذهن، ضميرَن سان،
سيرَن سَندَ سريرَن سان،
وَرِيامن ۽ ويرَن سان،
سِندُ سپاجھا ساھ تو نا.

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

قيد، ڪڙولا، ڪوٺيون،
ڇارَن جاوا ڇا مَر ميون،
ويڙهيچا ٽين وَتِ وڃي،
ڪيتن سان ڪبو ڪار ڪبا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڳوٺن آهي ڳالهايو،
سِندُ اسانجو سرمايو،
گهوٽ نہ هاڻي گهبرايو،
ڪاپڙ يا راڪندَ اُٺيا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

اوچي اوچي اوٺ اَچو!
ڪيرايون هي ڪوٺ، اَچو!
گهوٽ اچو، اٺوٺ، اَچو!
آئيون انتَ اندَيرن جا.

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳي پوندي جوءِ سڄي،
ويريءَ ويندا وَڻ وَڃي،
جانِ چڙهندا اسٽينڊ ونڙيچي،
اَڏ جهڙهن پيءِ وَڏَ وِڏا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

تڏا ڏاڻيءَ جا ڏنيءَ سَهي،
ڪارا ڪارِونيا رَڪَمي،
جنگاهن جي جوڳَ وَهي،
سُرخاڻي ۽ سپوتَ ويا.
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سَگهه سلهاڙي سرتن سلڻ،
هَڏَ مُڇائي اڄ سُياڻ،
ويڙهاڪن جي وات سُڄاڻ،
رڻ سان جن رامانڻ ڪيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڪُونڌَ ڪنبائي ”ڪيڏارا“،
رِڻ رَتي جا ريارا،
آيا آهن آسيارا،
سَڏَ اُونائي سُڏ ڪن جا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙها ڳيرو ڳوتا ٽا،
سانگيڙن جا ساماٽا،
رِڻ ۾ ٿيندا راماٽا،
سروا هين جيئڻ سَڌ ڪيا؛

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

رِيتي رَتَ ۾ رُتِ رَتي،
موڪيءَ مَٽَ ۾ مَڌُ مَتي،
تيرَ تکي ٿي تندُ تتي،
ڪوٺي ڪندَ ڪلالَ وَتا.

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ڳالهيون پنهنجون ڳوناٽيون،
سمجهه پريون پَر سمجهاٽيون،
وِڙهند ڙَرت جون وِهنجاٽيون،
آرڻ جا جبن آرَ ڏنا!

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

ويڙهه سان واتون واٽيندي،
آزاديءَ کي آڻيندي،
ماڳ مِٽي کي ماڻيندي،
ڏوٿيڙا ڏيٺي ڏيڏَ ويا.

پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳ مڳ جوتِ جلائيندي،
جيوت کي جاڳائيندي،
سوريءَ سنڌ سجائيندي،
سِنڌ اسان کان ساهہ وٺندا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

گيتَ گُلابي ڳائيندي،
سرگم کي سمجهائيندي،
سُر کا سازَ وڄائيندي،
رُڪَ اسان جي راڳ ڇپيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سنڌ نئين سمجهائيندي،
ڳوٺ ڳلين ۾ ڳائيندي،
ڏک لڳڻ کي لائيندي،
صُبح نئين کي سنڌ ڏنا.
پاڪستان جو مطلب ڇا:
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!“

سِنڌ اسان کي سچ ڏنو،
سچ منجهان جو مچ ڏنو،
ڳاٽن جو تنهن ڳچ ڏنو،
”خاڪيءَ“، جنهن مان خيال ورتا!
پاڪستان جو مطلب ڇا.
”ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!

# ٣

"ايرانين" جي ايريءَ ۾،
"ساسانين" جي سيريءَ ۾،
"عربن" جي انڌيريءَ ۾،
سنڌ سوين شيطانَ ڏٺا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

"ارغوني" انڌارين ۾،
"ترخاني" ٽڪرارين ۾،
"مغلن" جي مڪارين ۾،
ڌرتيءَ ڏاڙيوال ڏٺا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

"افغاني" اڳهائيءَ ۾،
"انگريزي" ارڏائيءَ ۾،
آزاديءَ جي آئيءَ ۾،
ڏيهَ - ڌڻين تي ڏاڍَ ڏٺا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڏاهر" ڏک جي ڏوليءَ ۾،
"دودي" ڏک جي دوليءَ ۾،
"هوشوءَ" رَت جي هوليءَ ۾
تاريخن جا تير سَنا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

گهوٽ "بلاول" گهاٽيءَ ۾،
"شاهه عنايت" تاڻيءَ ۾،
"هيموں" هُل هوائيءَ ۾،
سُوريءَ جا سينگارَ ڏٺا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

لاڪيٽن جي لوليءَ ۾،
ريتي رَت جي هوليءَ ۾،
پنهنجيءَ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾،
ڳيرو ڳالهائين پيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

آڌيءَ رات "اروڙ" منجهان،
خون رتا ٿين ڪوڙ منجهان،
لاڪيٽن جي لوڙ منجهان،
ڳاهي ڳاهه وجود اُٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ديبل" جي دستورَ منجهان،
"مڪليءَ" جي مذڪورَ منجهان،
طوفاني هر تورَ منجهان،
ڳوڙهن جا ڳاٽ ڦٽا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؛
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

"ساموئيءَ" جي ساهَ منجهان،
"ماموئيءَ" جي ماهَ منجهان،
ڳاڙهي رَت جي ڳاهَ منجهان،
آزاديءَ آواز ڏنا!
پاڪستان جو مطلب ڇا:
"ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشل لا!"

"دولهه درياخانَ" منجهان،
"ڄام ننڍي" سلطان منجهان،
"نوري" مرد - مهانَ منجهان،
سنڌ اسان کي سَڏَ ڪيا!
